# عظيم سانحو

ذوالفقار علي ڀٽو



ڪور جو فوٽو :
چيئرمن ذوالفقار علي ڀٽو ،
١١ جنوري ، ١٩٧٠ع تي راولپنڊيءَ
جي هڪ جلسه عام کي خطاب
ڪري رهيو آهي -

قيمت پنج روپيه

# عظيم سانحو

از

ذوالفقار علي ڀٽو

چيئرمن

پاڪستان پيپلز پارٽي

ٻهريون ايڊيشن — آڪٽوبر ١٩٧١ع

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پاڪستان پيپلز پارٽي پبليڪيشن
ويژن پبليڪيشن لميٽيڊ، ڪراچي ۾ ڇپيو

تعمير فقط سوشلزم ذريعي ئي ٿي سگهي ٿي. ليڪن سوشلزم مفادپرستن لاءِ ته هڪ ڀاڙاتو آهي، جن مان گهڻا ته ائين چاهيندا ته پاڪستان ختم ٿئي ته ڀلي ٿئي، سرمائيدارانه نظام ختم نه ٿئي.

اسان جو ملڪ، وڏن واپارين جي بي انتها اشتها ۽ اڌ پڙهيل سياستدانن جي ريچڪن جو شڪار بڻي رهيو آهي. پاڪستان جي پهرين ڏهن سالن ۾ سياستدانن ۽ نوڪرشاهي گڏجي عوام جي مفادن کي چڱيءَ طرح سان پامال ڪيو. ۱۹۵۸ع ۾ مسلح فوجن کلم کلا مداخلت ڪئي ۽ ماضيءَ جي شڪايتن کي نيم دلانه قدمن جي سلسلي سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ايوب خان طرفان حڪومت جون واڳون وٺڻ مهل گهڻو جوش خروش هو، ڇاڪاڻ ته ان وقت مسلح فوجن کي عوام جو اعتماد حاصل هو. هن جو ملڪ جي ٻنهي حصن ۾ خيرمقدم ڪيو ويو. ماڻهن هن کي قبول ڪيو ۽ اطمينان جو ساهه کنيو. ڪنهن کي به اهڙو بهتر موقعو حاصل نه ٿيو جهڙو ۱۹۵۸ع ۾ صدر ايوب خان کي مليو هو، جنهن ذريعي ماضيءَ جون غلطيون درست ڪري، ملڪ کي ترقيءَ جي راهه تي لڳائي ٿي سگهيو ويو. ليڪن ايوب خان اهو وجهه وڃائي ڇڏيو. ماڻهن هن ڏانهن ڏسڻ شروع ڪيو، پر هو عوامي ماڻهو نه هو. هو محنتي ته برابر هو پر ساڳئي وقت "ڪانو" به هو، ۽ هن جي خاندان جي فردن راتو رات شاهوڪار بڻجڻ جي ڊوڙ شروع ڪري ڏني. خود ايوب خان جي شخصيت ۾ ڪيترا الجهاءَ هئا ۽ هو مسئلن کي طاقت ذريعي حل ڪرڻ چاهيندو هو. سڀ ڪان وڌيڪ، ته هن کي مشرقي پاڪستان خلاف زبردست تعصب هو. هن جي دور ۾ مشرقي ۽ مغربي پاڪستان جو ڳانڍاپو تمام ڪمزور ٿي ويو. ظاهري طور هن جي حڪومت مستحڪم نظر ايندي هئي، پر ان جا بنياد اندران ئي اندر کوکلا ٿيندا ٿي ويا. هن جي دور ۾ ئي وڏن سرمائيدارن جي دولت پنهنجي انتها کي پهچي وئي. ايوب خان پنهنجي اقتدار جو ڍانچو وڏن سرمائيدارن، نوڪرشاهي ۽ بنيادي جمهوريت جي ٿنڀن تي تعمير ڪيو، جي سڀ عوام دشمن طاقتون هيون. هن جي ئي اقتدار جي آخري دور ۾ مشرقي پاڪستان جي جنگ پسند بنگالي قوميت اڀرڻ شروع ٿي.

۱۹۶۵ع واري پاڪ - ڀارت جنگ، عوام کي وري متحد ۽ مستعد ڪري ڇڏيو. پر اهو جوش خروش جلد ئي ٿڌو ٿي ويو. اها قوم جا سيپٽمبر ۱۹۶۵ع ۾ فرد واحد جيان اٿي کڙي ٿي هئي، جنوري ۱۹۶۶ع ۾ ان پاڻ کي ٽڪرن ٽڪرن ۾ ورهايل ڏٺو. پاڪستان جي فتح، پاڪستان جي شڪست ۾ بدلجي وئي.

سياسي سرگرميون بحال ڪيون وينديون، ته جيئن سياسي جماعتون ان سال جي آخر ۾ ٿيندڙ عام انتخابن لاءِ مهم هلائي سگهن. ان کان پوءِ ٣- مارچ ١٩٧٠ع تي صدر يحيٰ خان آئيني ڍانچي (٢) جو حڪم نافذ ڪيو، جنهن ۾ چيو ويو هو ته آئين پنجن اصولن تي تيار ڪيو ويندو. هتي اهو ٻڌائڻ به ضروري آهي ته مرڪز جي اختيارات متعلق اصول ۽ صوبائي خود مختاريءَ جون حدون عوامي ليگ جي ڇهن نڪتن سان متصادم هيون. ان کان سواءِ آئين جي تياريءَ لاءِ هڪ سؤ ويهه ڏينهن جي حد پڻ مقرر ڪري ڇڏي وئي هئي. ان آرڊر مطابق صدر کي اهو به اختيار ڏنو ويو هو ته هو آئين کي منظور يا رد ڪري سگهي ٿو.

٧- ڊسمبر ١٩٧٠ع تي قومي اسيمبليءَ لاءِ ۽ ١٧- ڊسمبر ١٩٧٠ع تي صوبائي اسيمبليءَ لاءِ عام چونڊون ٿيون. پاڪستان جي پوري تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ٿيل عام چونڊن جا نتيجا سڄي دنيا کي معلوم ٿي چڪا آهن. مشرقي پاڪستان ۾ شيخ مجيب الرحمان جي اڳواڻيءَ ۾ عوامي ليگ کي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي نصيب ٿي ۽ مغربي پاڪستان ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي موثر ۽ نمايان ڪاميابي حاصل ڪئي. قومي اسيمبليءَ ۾ مجموعي طور ٣١٣ جايون هيون، جن مان مشرقي پاڪستان جي هڪ سؤ اوڻهتر جاين مان هڪ سؤ سٺ جايون عوامي ليگ حاصل ڪيون، اهڙيءَ طرح مغربي پاڪستان لاءِ قومي اسيمبليءَ جي ١٤٤ جاين مان، جن مان ڪي قبائلي علائقن لاءِ مخصوص ڪيل هيون، پاڪستان پيپلزپارٽي ٨٨ جايون حاصل ڪيون. تاهم ٻنهي پارٽين مان ڪابه پارٽي ملڪ جي ٻئي حصي مان ڪا به جاءِ حاصل ڪري نه سگهي. اهڙيءَ طرح عام چونڊن جي نتيجي طــور به وڏيون سياسي پارٽيون ابري آيون: مشرقي پاڪستان ۾ عوامي ليگ ۽ مغربي حصي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي. ٻين سمورين جماعتن کي زبردست شڪست نصيب ٿي.

ٻارهن مهينن جي طويل انتخابي مهم ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ پنهنجو پورو زور ملڪ جي اقتصادي مسئلن ۽ آزاد خارجه پاليسي تي ڏنو. ان جو حملو خاص طور ملڪ جي موجوده اقتصادي حالتن تي هو. هن پارٽي اهــو موقف اختيار ڪيو ته پاڪستان جو آئين صحيح معنيٰ ۾ وفاقي نموني جو هئڻ گهرجي

(٢) ١٩٧٠ع جي قانوني ڍانچي واري آرڊر (ليگل فريم ورڪ آرڊر) جا مکيه اقتباسات ضميمي نمبر ٢ طور ڏنا ويا آهن.

بنائي ڇڏيو آهي ۽ هائي هو ته ڇهن نڪتن کان هڪ انچ به پوئتي نه هٽي سگهندو. اسان عوامي ليگ جي صدر کي سمجهايو ته پيپلز پارٽي، عوامي ليگ جي ڇهه نڪاتي پروگرام جي باري ۾ عوام کان ڪوبه اختيار نه ورتو آهي - اسان کين هي به ياد ڏياريو ته پوري اولهه پاڪستان ۾ چونڊ ۾ بيٺل عوامي ليگي اميدوارن کي شڪست ماڻي ڇڪي آهي ۽ سندن ضمانتون به ضبط ٿي چڪيون آهن - اسان پنهن جي موقف کي ورجائيندي چيو ته اسان استحصال کي مستقل طور ختم ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ ان سلسلي ۾ اسان هي تجويز به پيش ڪئي ته ملڪ جي معيشت کي سوشلسٽ بنياد تي هلائڻ جي سلسلي ۾ آئين ۾ هڪ خاص فقرو رکيو ويندو ته جيئن سوشلسٽ بنياد تي معيشت کي لازمي قرار ڏنو وڃي - اسان بعض بيون آئيني تجويزون به انهن آڏو رکڻ جي ڪوشش ڪئي پر عوامي ليگي رهنمائن ڇهن نڪتن کي ”جيئن جو تيئن“ قبولڻ بغير وڌيڪ ڳالهين ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو - اسان شيخ مجيب الرحمان کي ان حقيقت کان به آگاه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته اولهه پاڪستان جي راءِ عامه عوامي ليگ جي ڇهن نڪتن جي خلاف آهي - اسان کيس چيو ته اولهه پاڪستان جي عوام جو اهو عام طور تاثر آهي ته ڇهه نڪاتي پروگرام پاڪستان کي ختم ڪرڻ جو پيش خيمو آهي ۽ اسان جي راءِ ۾ عوام جو اندازو ايترو غلط نه ٿو ٿئي - اسان شيخ مجيب الرحمان کي وڌيڪ چيو ته شڪست کاڌل جماعتون ته پنهنجو نقطه نظر راتوارات تبديل ڪري سگهن ٿيون پر اولهه پاڪستان جي اڪثريتي جماعت ڇهن نڪتن کي جيئن جو تيئن قبول ڪري اولهه پاڪستان جي عوام جي مفادن جو سودو هرگز نٿي ڪري سگهي - تاهم ڇهن نڪتن جي ضرورت جي حد تائين، اسان ان شرط تي عوامي ليگ سان وڌ ۾ وڌ تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهيون ته هن ملڪ جي اتحاد ۽ يڪجهتي کي ڪنهن تسم جو نقصان نه پهچندو ۽ ان سلسلي ۾ اسان لاءِ ضروري آهي ته اسان اولهه پاڪستان جي عوام جي احساس جو اندازو لڳايون ۽ راءِ عامه هموار ڪريون. انهيءَ پس منظر ۾ اسان درخواست ڪئي ته قومي اسيمبلي جو اجلاس جلد طلب ڪرڻ کان اڳ اسان کي مناسب مهلت ڏني وڃي - شيخ مجيب کي انهيءَ جو يقين ڏياريو ويو ته ان درخواست جو مطلب اهو هرگز نه آهي ته اسان قومي اسيمبلي جو اجلاس طلب ڪرڻ ۾ غير ضروري دير ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون -

نيم وحداني سرشتي کي هڪ لچڪ واري وفاق جي صورت ۾ تبديل ڪرڻ جي حق ۾ اولهه پاڪستان جي عام راءِ کي هموار ڪرڻ ڪو آسان ڪم نه هو. از انسواء عوامي ليگ جي طرفان ڪجهه وڌيڪ مطالبن پيش ڪرڻ سبب هي

ته "پيپلز پارٽي اسيمبلي جو بائڪاٽ ڪندي ڇا؟" تڏهين مون انجو جواب واضح طور انڪار ۾ ڏنو هو. ان بعد اسان عوام سان رابطو قائم ڪيو ۽ صورتحال ۾ لڪل مشڪلاتن جي وضاحت ڪئي.

٢١ ۽ ٢٢ فيبروري تي اسان ڪراچي ۾ پيپلز پارٽي جي رهنمائن جو ٻه روزه ڪنوينشن گهرايو، جنهن جي خاتمي تي سڀني رهنمائن حلف کنيو ته هو جماعت جي فيصلن جا پابند رهندا. ان بعد ٢٨ فيبروري تي لاهور ۾ هڪ تمام وڏي عام جلسي ۾ مون عوام کي اعتماد ۾ ورتو ۽ پنهنجي اختيار ڪيل موقف جي وضاحت ڪئي. مون عوام کي ٻڌايو ته اسان چاهيون ٿا ته ان کان اڳ، جو قومي اسيمبلي ڪا ڪارروائي ڪري، اسان ان ڳالهه جي هڪ دفعو وڌيڪ ڪوشش ڪندا سين ته جيئن عوامي ليگ سان هڪ قابل عمل ٺاهه ٿي وڃي. مون چيو ته جيڪڏهن اسان کي مذڪور ڳالهين جي يقين دهاني ڪرائي ويئي ته اسان قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار آهيون. ٻي صورت ۾ جيڪڏهن اها يقين دهاني نه ڪرائي ويئي ۽ قومي اسيمبلي جو اجلاس ملتوي نه ڪيو ويو ته پوءِ ١٢٠ ڏينهن جي عرصي اندر آئين جي تياري متعلق لڳايل پابندي ختم ڪئي وڃي ته جيئن آئين جهڙي نازڪ مسئلي تي فيصلو ڪندي، وقت اسان کان تڙي نڪري نه وڃي. ملڪ جي پهرئين آئين جي تياري ۾ پهرين دستور ساز اسيمبلي ست سال صرف ڪيا هئا. جڏهن ته ٻي آئين ساز اسيمبلي ١٩٥٦ع جو آئين ٻن سالن ۾ ٺاهيو هو. اڄ جا مسئلا اڳي کان ڪئين دفعا وڌيڪ پيچيده ۽ متنازعه بڻجي چڪا آهن. انهن حالتن ۾ انتهائي ضروري آهي ته ١٢٠ ڏينهن جي ميعاد اندر، اسيمبلي ۾ قابل قبول حل تلاش ڪرڻ جي مقصد لاءِ قومي اسيمبلي جو اجلاس ملتوي ڪيو وڃي يا ١٢٠ ڏينهن جي پابندي ختم ڪئي وڃي. آئين تيار نه ٿي سگهيو ته شيخ مجيب الرحمان وقت هٿن مان نڪرڻ جو بهانو بنائي، عجلت ۾ اسيمبلي کان آئين جي توثيق ڪرائي وٺي ها. هي پهريون موقعو نه هو جو مون آئين جي تياري لاءِ ١٢٠ ڏينهن جي مقرر ميعاد کي چئلينج ڪيو هو. انتخابي مهم دوران متعدد تقريرن ۾ آئون اعلان ڪري چڪو هوس ته اهو عرصو تمام گهٽ آهي. بدين ضلع حيدرآباد ۾ هڪ عام جلسي کي خطاب ڪندي، مون حڪومت کان پڇيو هو ته جڏهن ته حڪومت خود قانوني ڍانچي جي حڪم جي تياري ۾ چار مهنا لڳايا آهن ته پوءِ آخر حڪومت اها توقع ڇو ٿي رکي ته قومي اسيمبلي آئين جهڙي اهم دستاويز کي صرف ١٢٠ ڏينهن جي عرصي ۾ تيار ڪري سگهندي؟ مون عوام کي ٻڌايو هو ته جيڪڏهن اسان جي پيش ڪيل ڪابه تجويز منظور نه ڪئي ويئي ته اسان ٣ مارچ تي قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ هرگز شريڪ نه ٿينداسين.





چيئرمن ذوالفقار علي ڀٽو
٢٨ فيبروريءَ، ١٩٧١ع تي لاهور ۾
پنجن لکن کان وڌيڪ جمع ٿيل
عوام جي عظيم الشان ۽ بي مثال جلسه عام
کي خطاب ڪري رهيو آهي.
پٺين صفحي تي ١٤ مارچ ١٩٧١ع
تي ڪراچيءَ جي هڪ جلسه عام
جو منظر.

ڪندي. شيخ مجيب الرحمان انهيءَ تي زور ڀريو هو ته اسان جي رهائش ۽ سار سنڀال سندس پارٽي ڪندي. عوامي ليگ جا ڪارڪن ڪيترين ٽيڪسين سان هوائي اڏي تي موجود هئا. منهنجا چند ساٿي انهن انتظامن کان ڪجهه بد دل هئا، پر مون ان تي رضامندي ڏيکاري. بهرحال، هڪ ڪرنل تجويز پيش ڪئي ته حفظ ما تقدم طور فوجي عملو اسان جي حفاظت ڪندو. اسان جلد ئي محسوس ڪيو ته اهو مشورو ڪنهن حد تائين مفيد ثابت ٿيو. رستي ۾ هڪ مخالفانه مظاهري کي منهن ڏيڻو پيو، جيڪو يقيناً اڳ رٿيل منصوبي تحت ڪرايو ويو هو. هوٽل جي لابي ۾ عوامي ليگ جي ورڪرن غنڊه گردي جو مظاهرو ڪيو ۽ وڏي آواز سان اسان کي گاريون ڏنيون ويون. ڪجهه وقت لاءِ لفٽ کي روڪي ڇڏيو ويو. جڏهن اسان ڪمرن ۾ پهتاسين ته برگيڊيئر ارباب خان پنهنجي هيڊ ڪوارٽر کي عوامي ليگ طرفان ڏنل آجيان جو اطلاع ڏنو. مجيب الرحمان کي ٻڌايو ويو ته سندس ڪارڪن اسان جي رهائش ۽ سار سنڀال ۾ ناڪام رهيا، هئا ان لاءِ هاڻ اسان جي ڍاڪا ۾ رهائش جو انتظام فوج سنڀالي رهي آهي.

انهيءَ ڏينهن سادي ٧ بجي شام جو مون ايوان صدر ۾ صدر يحيٰ سان ملاقات ڪئي. صدر ١٦ مارچ کان ٢٠ مارچ تائين شيخ مجيب الرحمان سان ٿيل ملاقاتن جي باري ۾ ٻڌايو ته ١٨ مارچ تي شيخ مجيب الرحمان هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو هو ته ڳالهيون اڳتي وڌيون آهن. ان جي نتيجي ۾ عوامي ليگ جي آئيني ماهرن ۽ صدر درميان رٿيل آئيني انتظامن تي ڳالهيون ٿيون. صدر مون کي عوامي ليگ جي رهنمائن جي پيش ڪيل تجويزن کان آگاهه ڪيو.

انهن تجويزن جون خاص ڳالهيون هي هيون: مارشل لا فوري طور هٽايو ويندو ۽ مرڪز ۾ اقتدار جي منتقلي عمل ۾ آڻڻ بغير پنجن ئي صوبن ۾ اقتدار منتقل ڪيو ويندو. ان تجويز مطابق مرڪز ۾ اقتدار صدر خود سنڀاليندو رهندو، ۽ جيڪڏهن هو مناسب سمجهندو ته پنهنجي لاءِ مشير به چونڊيندو، جي عوام جي چونڊيل نمائندن مان نه هوندا. هيءَ به تجويز پيش ڪئي وئي ته قومي اسيمبلي کي ابتدائي طور ٻن ڪميٽين ۾ تقسيم ڪيو ويندو — هڪ اولهه پاڪستان لاءِ، جنهن ۾ اولهه پاڪستان جا نمائنده شامل هوندا ۽ ٻي بنگله ديش لاءِ، جنهن ۾ اوڀر پاڪستان جا نمائنده شامل هوندا. اولهه پاڪستان جي ڪميٽي اسلام آباد ۾ اجلاس منعقد ڪندي، جڏهن ته بنگله ديش جي ڪميٽي پنهنجو اجلاس

٢٤ تاريخ جي رات جو مسٽر ڪر مجيب الرحمان سان مليو ۽ ڏنائين ته هو تمام پريشان هو. هن مسٽر ڪر کي ٻڌايو ته چٽگانگ ۾ تمام گهڻي گڙ ٻڙ ٿي پئي آهي ۽ ڪي فوجي آفيسر هٿن مان نڪري رهيا آهن. جيئن ته صورت حال آخري ڪڙيءَ تي پهچي رهي هئي ، انهيءَ ڪري هن مسٽر ڪر کي منهنجي لاءِ چيو ته ڪيس سندس تجويزون لازمي طور قبول ڪري اولهه پاڪستان جو وزير اعظم بڻجي وڃڻ کپي ۽ مشرقي پاڪستان جو معاملو سندس ۽ عوام جي حوالي ڪري ڇڏيو وڃي. مسٽر ڪر ، شيخ مجيب الرحمان کي ٻڌايو ته آئون ته ڪيس اهو پيغام پهچائيندس، پر مونکي شڪ آهي ته هو پاڪستان جي ورهاڱي متعلق ڪا به تجويز قبول نه ڪندو. مسٽر ڪر جي روانگي کان اڳ مجيب الرحمان ڪيس چيو ته اسان توهان سان رابطو قائم رکنداسين ۽ ٢٥ تاريخ جي رات جو ملڻ لاءِ وري ڪنهن ماڻهوءَ کي موڪليندا سين ته توهان کي وٺي اچي.

٢٥ تاريخ صبح جو آئون پنهنجي پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل مسٽر جي. اي. رحيم ۽ مسٽر ڪر سان گڏجي صدر يحيٰ خان ۽ ليفٽيننٽ جنرل پيرزادي سان ڪن تجويزن تي بحث مباحثي ۽ آخري صورت حال تي گفتگو ڪرڻ لاءِ پهتس، جن ۾ مسٽر تاج الدين جو الٽيميٽم پڻ شامل هو. ٢٥ تاريخ منجهند مهل صدر جي مشيرن اسانجي صلاحڪارن کي عوامي ليگ جي آخري تجويزن کان آگاهه ڪيو.

شيخ مجيب الرحمان جو ايلچي شام جو ٨ بجي مسٽر ڪر کي وٺڻ لاءِ آيو. مسٽر ڪر ان ايلچيءَ کي ٻڌايو ته جيئن ته صورت حال ۾ ڪابه نئين تبديلي نه آئي هئي ، انهيءَ ڪري سندس ليڊر کي ٻڌائڻ لاءِ ڪابه نئين ڳالهه نه هئي، تنهنڪري بهتر ٿيندو ته ميٽنگ ملتوي ڪئي وڃي. ٢٦ تاريخ صبح جو ڪراچي روانه ٿيڻ کان اڳ اسان شايد وري صدر سان ملون ۽ جيڪڏهن ڪي به اهم تبديليون ٿيون ته پوءِ اسين ترسي پونداسين ۽ شام جو عوامي ليگ جي ليڊر سان ملنداسين. ايلچي ، انهيءَ وقت مسٽر ڪر کي ٻڌايو ته صدر ته شام جو ٧ بجي، اڳي ئي ڍاڪا مان روانه ٿي چڪو آهي. اسان ايوان صدر ۾ فون ڪري ، انجي تصديق ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ، پر تصديق ٿي نه سگهي.

انهيءَ شام جو شيخ مجيب الرحمان هڪ بيان جاري ڪيو ۽ ٢٧ مارچ تي جنرل اسٽرائيڪ ڪرڻ جو اعلان ڪيو ته جيئن چٽگانگ ۾ ۽ ڪن ٻين

اسيمبلي ۽ حڪومت درميان ٽڪر تي پهتي ها - آرڊر ۾ هڪ وفاقي ۽ پارليامينٽري سرشتي واري حڪومت جي گنجائش نه رکي وئي هئي مگر ان ۾ هڪ اهم سوال اڻ فيصل ڇڏيو ويو هو ته وفاقي اسيمبلي هڪ ايوان واري هوندي يا ٻن ايوانن واري - ان کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها ته صوبائي خود مختاري جهڙو اهم موضوع، آخري تجزيه ۾ تشنه ۽ کليو ڇڏي ڏنو ويو هو ۽ ان تي انتخابي مهم جي هڪ لمبي مدت جي اجازت ڏني، ان کي هڪ ڌماڪي خيز موضوع بنائي ڇڏيل هو - شايد اهي غلطيون، انهن غلط اندازن ڪري درپيش آيون ته قومي اسيمبلي ننڍڙين اختلافي پارٽين جو مجموعو هوندي ۽ ڪا به ايڏي وڏي پارٽي اڀري نه ايندي، جا اسيمبليءَ تي ڇانئجي وڃي ۽ پنهنجي مرضي مٿس مسلط ڪري سگهي.

حڪومت پنهنجي جمهوريت جـي بحاليءَ جي اسڪيم مطابق صوبائي خود مختياري جي مطالبي جي اهميت سمجهڻ ۾ ناڪام رهي . اها هيءَ مطالبو پورو ڪرڻ لاءِ ڪيترا ٻيا طريقا اختيار ڪري سگهي ٿي . هڪ طريقو اهو بـــ ٿي سگهيو ٿي ته مارشل لا لاڳو ڪرڻ کان يڪدم پوءِ ، صدر يحيٰ خان صوبائي خود مختياري جي حـــدن مقرر ڪرڻ جهڙو اهـــم مسئلو طئه ڪرڻ لاءِ ، سياسي ليڊرن جي هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي ها . حڪومت طرفان ليڊرن کي هڪ قسم جو نوٽيس ڏيڻ گهرجندو هو ۽ کين ٻڌائڻ گهرجندو ته اها ون يونٽ ۽ مساوي نمائندگي (پيئرٽي) وارو اصول ختم ڪرڻ ۽ عام چونڊون ڪرائڻ لاءِ تيار آهي ، پر شرط اهو آهي ته خود مختياري جي مسئلي تي ٺاهه ڪيو وڃي ، ورنه نه — اهو شرط سياسي رهنمائن کي خود مختياري بابت ڪو حل تلاش ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري سگهي ها . ٻيءَ صورت ۾ کين جمهوريت جي بحاليءَ جـــي راهه ۾ رڪاوٽون وجهڻ ڪري عوامي نفرت ۽ غم و غصي جو شڪار ٿيڻو پوي ها . ون يونٽ ۽ مساوي نمائندگيءَ جا اصول جيئن ته عوام ۾ نهايت نا مقبول هئا ، انهيءَ ڪري ليڊرن کي انهن کي هميشه لاءِ برقرار رکڻ جو جوابدار سمجهيو وڃي ها . سياسي ليڊرن کي ڪنهن نـــ ڪنهن ٺـــاهه تي پهچڻ لاءِ ضرور مجبور ڪيو وڃي ها. خود مختياري جي حد متعلق ٺاهه تي وڃـــڻ کانپوءِ ، آئين جي باقي اصولن تي " عام راءِ " ورتي سگهجي ها ، جنهن ۾ عوام کان هر اصول متعلق واضح طور پڇي سگهجي ها ته هو ان کي قبول ڪن ٿا يا رد ٿا ڪن . آئين جا اصول هڪ دفعو عام راءِ ذريعي طئه ٿي وڃڻ کانپوءِ آئين جو مسودو لکڻ لاءِ هڪ آئيني ڪميشن قائم ڪري سگهجي ها . آئين جو آخري مسودو هڪ دفعو وري استصواب راءِ عامه لاءِ پيش ڪري سگهجي هـــا ۽ خود مختياري جي درجي متعلق اڳـــ طئه ڪيل سمجهوتي جي بنيادن تـــي، ليڊرن کي آئين متعلق پنهنجي خيالـــن پيش

فقط مغربي پاڪستان کي استحصالي سمجهيو. هن گروهه ۾ انجي حامين اڳتي هاي، مجيب الرحمان جي اڳوائيءَ ۾ علحدگي پسندن جو هڪ نئون گروهه قائم ڪيو.

۱۹۵۸ع ۾ ايوب خان مارشل لا نافذ ڪيو ۽ ۱۹۶۲ع تائين ڪنهن به سياسي سرگرميءَ جي اجازت نه هئي. مارشل لا کان جلد ئي پوءِ، شيخ مجيب الرحمان کي گرفتار ڪري، چند سالن لاءِ جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو ويو. انهن ٿو لڳي ته هن جي رويه ۾ فيصلہ ڪن تبديلي ان عرصي اندر آئي. جڏهين کيس آزاد ڪيو ويو، هو ملڪي معاملات کان نهايت مايوس ٿي چڪو هو. آئينده ٽن سالن ۾ هو سياست ۾ گهڻو لاءِ ڀر توربندو، پنهنجي لاءِ ڪنهن وڏي موقعي جي انتظار ۾ رهيو. ۱۹۶۳ع ۾ شيخ مجيب الرحمان جي سياسي اهميت تمام گهٽ هئي. در حقيقت، تفضل حسين، جو مانڪ ميان جي نالي سان مشهور هو، پنهنجي روزانه اخبار ”اتفاق“ جي ڪري ڪانئس وڌيڪ اثر رسوخ وارو سمجهيو ويندو هو. مانڪ ميان، جو مسٽر سهروردي کانپوءِ مجيب الرحمان جو قابل اعتبار صلاحڪار بڻيو، غالباً مشرقي پاڪستان جو واحد سياستدان هو، جو ايوب خان جي حڪومت لاءِ صحيح معنيٰ ۾ پريشانيءَ جو باعث ثابت ٿيو. صوبائي انتظاميه شيخ مجيب الرحمان جي سرگرمين ڪري خاص طور پريشان نٿي ڏٺي. ڪيترن ماڻهن جي خيال موجب هو هڪ استعمال ٿيل مهرو هو، جو مسٽر يوسف هارون جي انشورنس ايجنٽ طور بي مقصد رلندو ٿي وتيو.

مون شيخ مجيب الرحمان سان ۱۹۶۳ع ۾، سندس قيد مان رهائيءَ کان پوءِ ڍاڪا ۾ ملاقات ڪئي، ان کان اڳ ۱۹۵۵ع ۾ مان ساڻس هڪ دفعو مسٽر سهرورديءَ جي ڪراچيءَ واري رهائش گاهه تي مختصر طور ملي چڪو هوس. مون کيس شاهباغ هوٽل جي لابيءَ ۾ ڏٺو ۽ گڏجي چاهه پيڻ لاءِ چيو. اسان سياست تي سنجيدگيءَ سان ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ڪئي، جو هو چئي چڪو هو ته هو سياست کان الڳ ٿي چڪو آهي. هن مسٽر ذاڪر حسين جي ساڻس دشمنيءَ جو پڻ ذڪر ڪيو. هن جي خيال موجب مسٽر ذاڪر حسين، جو ان وقت مشرقي پاڪستان جو گورنر هو، صدر ايوب کي چوري، کيس گرفتار ڪرايو هو. مون مجيب الرحمان کي چيو ته آئون اهو تصور به نٿو ڪري سگهان ته سندس پايه جو ماڻهو سياست ڇڏي سگهي ٿو. ان تي هن هڪ تلخ مسڪراهٽ سان جواب ڏنو ته صدر ايوب جي جيلن منجهانئس سموري گرمي ڪڍي ڇڏي آهي. جيتوڻيڪ هو اهو اعتراف ڪري رهيو هو ته هو سياست ڇڏي

ڇا نيوبهن سالن کانپوءِ به اهي گهرون ڪي گهٽيون آهن، جڏهن ته انهن لاءِ، بلڪ انهن کان وڌيڪ لاءِ آئين ۽ قانون جي حڪمراني ذريعي خاطري ڏني وئي هئي ۽ جن جو پاڪستان جي باني ۽ ساڻن وعدو ڪيو هو؟ فقط هڪ نئين نظام، هڪ نئين قيادت ذريعي ئي عوام جون اهي امنگون پوريون ٿي سگهن ٿيون. هاڻي هو غير معين مدت تائين انتظار نه ڪندا، انهن سان ڪافي عرصي تائين دوکا ٿيندا پئي رهيا آهن —— هاڻي يا ته رجعت پسند طاقتون رهنديون ۽ عوام کي دوکا ڏينديون ۽ پاڪستان کي تباهه ڪنديون رهنديون، يا ته منتخب رهنما، عوام جي سڏ تي اڳتي وڌندا ۽ هن عظيم سانحي تي غالب پئي، پاڪستان کي بچائي وجهندا. انشاالله.

ضميمو — ١

## ڇهه نڪاتي پروگرام جو متن ،
## جيئن ڇپجڻ کان پوءِ شايع ٿيو ۽ بعد ۾ عوامي ليگ جي
## منشور ۾ ترميم ڪيو ويو

### نڪتو نمبر — ١

#### اصلي

قرار داد لاهور جي بنياد تي آئين ۾ پاڪستان لاءِ صحيح معنيٰ ۾ هڪ وفاق ۽ پارليامينٽري طريقي جي حڪومت جي ضمانت هئڻ گهرجي ، جنهن ۾ عالمي بالغ راءِدهي جي بنياد تي، سڌي ووٽ ذريعي چونڊيل قانون ساز اداري کي سڀ تي فوقيت هئڻ گهرجي .

#### ترميم ڪيل

حڪومت جي طـرز وفاقي ۽ پـارليامينٽري هوندي ، جنهن ۾ وفاقي قانون ساز اداري ۽ وفاق جي يونٽن جي قانون ساز ادارن جي چونڊ سڌي ووٽ ۽ عالمي بالغ راءِدهي جي بنيادن تي ڪئي ويندي . وفاقي قانون ساز اداري ۾ نمائندگي آباديءَ جي بنياد تي ڏني ويندي .

### نڪتو نمبر —

#### اصلي

وفاقي حڪومت فقط ٻن ڪمن سان تعلق رکندي ، يعني: دفـاع ۽ خارجه معاملات ، باقي ٻيا ڪم وفاقي رياستن جي حوالي هوندا .

## ترسيم ڪيل

آئين ۾ اهڙا فقرا رکيا ويندا تہ جيئن هر وفاقي يونٽ طرفان ڪمايل زرمبادلہ جا جدا جدا اڪائونٽ رکيا وڃن ، جي واسطيدار وفاقي يونٽن جي حڪومتن جي ڪنٽرول هيٺ رهندا . وفاقي حڪومت جي زرمبادلہ جون ضرورتون آئين ۾ ڄاڻايل طريقہ ڪار مطابق مقرر ڪيل شرح جي بنياد تي وفاقي يونٽن جون حڪومتون پوريون ڪنديون . علائقائي حڪومتن کي آئين مطابق اهڙا اختيار حاصل هوندا، جيئن اهي خارجہ پاليسي جي ڍانچي اندر رهندي ، جنهن جي جوابداري وفاقي حڪومت تي هوندي ، غير ملڪن سان تجارتي ڳالهيون هلائي سگهندا .

## نڪتو نمبر — ٩

### اصلي

مشرقي پاڪستان لاءِ مليشيا يا ملٽري جهڙي هڪ فوج قائم ڪئي ويندي .

### ترميم ڪيل

وفاقي يونٽن کي مليشيا يا ملٽري جهڙي فوج قائم ڪرڻ جا اختيار ڏنا ويندا تہ جيئن هو قومي سلامتي ۾ موثر نموني ۾ حصو وٺي سگهن.

ضميمو — ۲

## ۱۹۷۰ع واري قانوني ڍانچي جي آرڊر
## مان اهم اقتباسات
## صدر جو ۱۹۷۰ع وارو آرڊر نمبر — ۲
## ۱۹۷۰ع وارو قانوني ڍانچي جو آرڊر

( گزيٽ آف پاڪستان، ايڪسٽرا آرڊنري، ۳۰ مارچ ۱۹۷۰ع )

نمبر ايف - ۲۴ (۱) ۷۰ پي يو بي - صدر جو هيٺيون آرڊر، عام اطلاع لاءِ شايع ڪيو وڃي ٿو :-

جيئن ته صدر ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ۲۶ مارچ ۱۹۶۹ع تي قوم کي ڪيل خطاب ۾ پنهنجي طرفان اهو وعدو ڪيو هو ته هو ملڪ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ انتهائي ڪوشش ڪندو،

۽ جيئن ته هن ۲۸ نومبر ۱۹۶۹ع تي قوم کي ڪيل خطاب ۾ انهيءَ عهد کي دهرايو ۽ اعلان ڪيو ته پاڪستان لاءِ قومي اسيمبليءَ جي عام چونڊ لاءِ پولنگ ۵- آڪٽوبر ۱۹۷۰ع کان شروع ٿيندي،

۽ جيئن ته هو فيصلو ڪري چڪو آهي ته صوبائي اسيمبليءَ جي چونڊن لاءِ پولنگ دير ۾ دير ۲۲- آڪٽوبر ۱۹۷۰ع کان شروع ٿيندي،

۽ جيئن ته اليڪٽورل رولس آرڊر، ۱۹۶۹ع ۾ اڳيئي اهڙي گنجائش رکي وئي آهي، ته بالغ راءِ دهيءَ جي بنياد تي عوام جي نمائندن جي چونڊ لاءِ، اليڪٽورل رول تيار ڪيا ويندا،

بشرطيڪ انهيءَ فقري جو اهڙو مطلب نه ڪڍيو ويندو ته ميمبرن جي سيٽن جاين جي نه ڀرجڻ جي بنياد تي، صدر قومي اسيمبليءَ کي سڏائي نٿو سگهي.

(۲) فقري (۱) مطابق ميٽنگ سڏائڻ کانپوءِ، قومي اسيمبلي انهن وقتن ۽ هنڌن تي اجلاس ڪندي رهندي، جيئن اسپيڪر فيصلو ڪندو.

(۳) قومي اسيمبلي، التوا جي معقول سبب کانسواءِ، پنهنجو ڪم ڪار هلائڻ لاءِ روزانه ملندي رهندي.

۱۵- <u>صدر جي خطاب وغيره جو استحقاق</u> — صدر قومي اسيمبليءَ کي خطاب ڪري ۽ پيغام يا پيغامات موڪلي سگهي ٿو.

۱۶- <u>اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر</u> — (۱) قومي اسيمبلي، جيترو جلد ٿي سگهيو، پنهنجي ٻن ميمبرن کي انجو علي‌الترتيب اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر ڪري چونڊيندي ۽ ڪنهن به وقت اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر جي عهدي خالي ٿيڻ جي حالت ۾، ڪنهن ٻئي ميمبر کي اسپيڪر، يا جيئن هوندو، ڊپٽي اسپيڪر منتخب ڪندي.

(۲) جيستائين اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر چونڊيا وڃن، ڪمشنر قومي اسيمبليءَ جي اجلاس جي صدارت ڪندو ۽ اسپيڪر جا فرائض سر انجام ڏيندو.

.....................................

۱۷- <u>ڪورم ۽ ڪارروائي جا قاعدا</u> — (۱) جيڪڏهن ڪنهن به وقت قومي اسيمبليءَ جي ميٽنگ دوران، ميٽنگ جي صدارت ڪندڙ شخص جو ڌيان ان حقيقت ڏانهن ڇڪايو وڃي ٿو ته حاضر ميمبرن جو تعداد هڪ سؤ کان گهٽ آهي، ته صدارت ڪندڙ شخص يا ته تيستائين ميٽنگ معطل رکندو، جيستائين ميمبرن جو تعداد هڪ سؤ کان گهٽ هوندو يا ميٽنگ ملتوي ڪري ڇڏيندو.

(۲) قومي اسيمبليءَ جي ڪارروائي شيڊيول ۳ ۾ ڄاڻايل ڪارروائي جي قاعدن مطابق هلائي ويندي، خاص طور قومي اسيمبلي اهو فيصلو ڪندي ته آئيني بل جي باري ۾ فيصلي لاءِ ڪهڙو طريقه ڪار اختيار ڪيو وڃي.

٢٠- آئين جا بنيادي اصول — آئين اهڙيءَ ريت تيار ڪيو ويندو، جيئن ان ۾ هيٺيان بنيادي اصول سمائجي سگهن .

(١) پاڪستان هڪ فيڊرل ريپبلڪ هوندو، جنهن کي اسلامي جمهوريه پاڪستان سڏيو ويندو، جنهن ۾ شامل صوبا ۽ ٻيون ايراضيون ۽ جي بعد شامل ڪيون وينديون، هڪ فيڊريشن ۾ اهڙيءَ طرح سان متحد ڪيون وينديون ته جيئن پاڪستان جي آزادي، علائقائي سالميت ۽ اتحاد جي ضمانت ملي سگهي ۽ فيڊريشن جي اتحاد کي ڪنهن به نموني ۾ ڇيهو نه رسي .

(٢) (الف) اسلامي نظريه جي، جو پاڪستان جي قيام جو بنياد آهي، حفاظت ڪئي ويندي، ۽

(ب) ملڪ جو سربراهه هڪ مسلمان هوندو .

(٣) (الف) آبادي ۽ بالغراءِدهي جي بنيادن تي، وفاقي ۽ صوبائي قانون‌ساز ادارن تي، سڌيون ۽ آزاد سيماري چونڊون ٿينديون رهنديون ته جيئن جمهوريت جي بنيادي اصولن جي استقامت جي يقين دهاني ٿيندي رهي .

(ب) شهرين جا بنيادي حق واضح ڪيا ويندا ۽ انهن جي گرنٽي ڏني ويندي .

(ج) عدليه جي آزاديءَ جو، انصاف جي تقاضائن جي پورائي ۽ بنيادي حق ڏيارڻ وارن معاملن ۾ تحفظ ڪيو ويندو.

(٤) قانون‌سازي، انتظامي ۽ ماليات سميت سمورا اختيارات وفاقي حڪومت ۽ صوبن ۾ اهڙي ريت تقسيم ڪيا ويندا ته جيئن صوبن کي وڌ ۾ وڌ صوبائي خود مختياري حاصل ٿي سگهي، جنهن جو مطلب ته کين قانون سازي، انتظامي ۽ ماليات متعلق وڌ ۾ وڌ اختيار حاصل هوندا، پر وفاقي حڪومت کي پڻ قانون سازي، انتظامي ۽ ماليات سميت ايترا مناسب اختيار حاصل هوندا، جيئن اها اندروني ۽ بيروني معاملات متعلق ۽ ملڪ جي آزادي ۽ علائقائي سلامتي جي حفاظت جي سلسلي ۾ پنهنجيون جوابداريون بجا آڻي سگهي .

(٥) انهيءَ جي يقين دهاني ڪرائي ويندي ته :-

(الف) پاڪستان جي سمورين ايراضين جا باشندا، ملڪي سرگرمين ۾ هر نموني ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جا اهل هوندا، ۽

(ب) جيڪڏهن فيڊريشن ٻن ايوانن تي مشتمل هوندي، ته اها پوري مدت لاءِ فيڊريشن جي قانون ساز اداري جو ٻهريون هيٺيون ايوان ٿي رهندي.

(۲) هن آرڊر مطابق چونڊيل صوبائي اسيمبليون، پوري مدت لاءِ واسطيدار صوبن جا قانون ساز ادارا ٿي رهنديون .

۲۴- آئين تيار ڪرڻ جي مدت — قومي اسيمبلي ، هڪ بل جي صورت ۾ آئين تيار ڪندي ، جنهن کي آئيني بل سڏيو ويندو ۽ اهو انجي پهرئين ڏينهن واري ميٽنگ کان هڪ سؤ ويهن ڏينهن اندر تيار ڪيو ويندو ۽ ائين نه ڪرڻ جي صورت ۾ اسيمبلي ختم ٿي ويندي .

۲۵- آئين جي توثيق — قومي اسيمبلي طرفان پاس ڪيل آئيني بل توثيق لاءِ صدر آڏو پيش ڪيو ويندو. جيڪڏهن اهڙي توثيق ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو ته اسيمبلي ختم ٿي ويندي .

۲۶- اسيمبلي جي اجلاس جو مقصد — (۱) جيئن مٿي هن آرڊر ۾ ڄاڻايو ويو آهي ، پاڪستان واسطي آئين تيار ڪرڻ جي مقصد لاءِ گڏ ٿيڻ کان سواءِ، قومي اسيمبلي، تيستائين ان حيثيت سان ڪابه ميٽنگ نه ڪري سگهندي، جيستائين قومي اسيمبليءَ جو پاس ڪيل ۽ صدر جو توثيق ڪيل آئيني بل، عمل ۾ نه آيو آهي .

۲۷- آرڊر جي توضيح ۽ ترميم — (۱) هن آرڊر جي ڪنهن به فقري جي توضيح متعلق ڪنهن به مسئلي يا شڪ جو تصفيو ، صدر جي فيصلي ذريعي ڪيو ويندو ۽ اهو فيصلو آخري هوندو ۽ ان کي ڪنهن به ڪورٽ ۾ چئلينج نه ڪيو ويندو .

(۲) هن آرڊر ۾ ڪنهن به ترميم ڪرڻ جو اختيار قومي اسيمبليءَ کي نه پر صدر کي حاصل هوندو .

## شيڊيول — ١

## آرٽيڪل ٤ - (٢)

## پاڪستان جي قومي اسيمبلي

| | عام | زالون |
|---|---|---|
| مشرقي پاڪستان | ١٦٢ | ٧ |
| پنجاب | ٨٢ | ٣ |
| سنڌ | ٢٧ | ١ |
| بلوچستان | ٤ | ١ |
| صوبه سرحد | ١٨ | ١ |
| مرڪزي انتظام هيٺ قبائلي ايراضيون | ٧ | |
| ڪل | ٣٠٠ | ١٣ |

## شيڊيول — ٢

## آرٽيڪل ٥ - (١)

## صوبائي اسيمبليون

| | عام | زالون |
|---|---|---|
| مشرقي پاڪستان | ٣٠٠ | ١٠ |
| پنجاب | ١٨٠ | ٦ |
| سنڌ | ٦٠ | ٢ |
| بلوچستان | ٢٠ | ١ |
| صوبه سرحد | ٤٠ | ٢ |

ضميمو — ۳

## صدر جنرل اي. ايم. يحيٰ خان طرفان
## ۲٦ مارچ ۱۹۷۰ع تي قدم لاءِ نشر ڪيل
## خطاب جو متن

منهنجا عزيز هم وطنو،

السلام عليڪم!

هن مهيني جي ٦ تاريخ، مون قومي اسيمبليءَ جي افتتاح لاءِ ۲۵ مارچ جي نئين تاريخ مقرر ڪئي هئي، انهيءَ اميد تي ته حالتون انهيءَ مقرر تاريخ تي اجلاس جي اجازت ڏينديون. واقعات، بهرحال، انهيءَ اميد کي پورو نه ڪيو. قوم شديد بحران ۾ مبتلا رهي.

مشرقي پاڪستان ۾ عوامي ليگ عدم تعاون ۽ نافرماني جي تحريڪ شروع ڪئي، جنهن ڪري معاملا پيچيده تر ٿي ويا. واقعات تمام تيزيءَ سان ٿيندا رهيا ۽ اهو تمام ضروري ٿي پيو ته حالتن کي جيترو جلد ٿي سگهي، ضابطي هيٺ آندو وڃي. انهيءَ مقصد کي آڏو رکندي، مون مغربي پاڪستان جي سياسي ليڊرن سان گفت و شنيد جو سلسلو شروع ڪيو ۽ آخر ۾ ۱۵ مارچ تي آئون ڍاڪا روانه ٿيس.

جيئن توهان سڀني کي خبر آهي، مون شيخ مجيب الرحمان سان سياسي بحران حل ڪرڻ لاءِ ڪيترئي ميٽنگون ڪيون. مغربي پاڪستاني ليڊرن سان صلاح مشورا ڪرڻ کانپوءِ منهنجي لاءِ ضروري هو ته اتي به اُئين ڪريان، ته جيئن ڪنهن باهمي تصفيه تي پهچڻ لاءِ، ناهه جو امڪان پيدا ٿي سگهي.

